# جامع

# سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد ٽيون (ڄ - ز)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

-

مرتبه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

-

نظر ثاني

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

-


سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/ حيدرآباد

پاڪستان

١٤٠٤ هه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

A COMPREHENSIVE

# SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

## VOl. III (ڇ–ڙ)

*COMPILED*
*UNDER THE SINDHI ADABI BOARD's DICTIONARY PROJECT*

*DIRECTED BY*
N. A. BALOCH

-

*REVISED BY*
GHULAM MUSTAFA QASMI

-

SINDHI ADABI BOARD
HYDERABAD / JAM SHORO
SIND
PAKISTAN
1984

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو هڪ سو سال اڳ، ١٨ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو، تنهن هوندي به باوجود ڪيترين ئي مخلصاڻه ڪوششن جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لغتن جي، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مڪيه لفظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن کان اڳ لکجي شايع ٿي نه سگهي آهي. اِن ڏس ۾ هيءَ پهرين جامع سنڌي لغات آهي، جا سنڌي ادبي بورڊ طرفان هينئر پيش ٿي رهي آهي.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب،

(ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو آهي،

(ج) ادب ۽ لغت جي اڻڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو ۽

(د) اڻلکيل عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جا اکر ۽ زنده جاويد ذخيرا، جنهن لاءِ سڄيءَ سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه ڳوٺن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ ته پنهنجي تَرَ جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري ڏين.

مٿين سلسلي ۾ هيءُ خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻولي جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ، سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لسبيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام لفظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، آن کي پڻ هن لغات ۾ ڪماحقه داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ لغات سڀني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.

مطلب ته هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جهجهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جامع

# سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

## جلد ٽيون (ڄ - ز)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

-

مرتبه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

-

نظر ثاني

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

-

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد
سنڌ
پاڪستان
١٤٠٤ھ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

چاپو پهريون]                    سال ١٩٨٤ع                    [تعداد چار هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: پنجاهه روپيا

هيءُ ڪتاب مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ڇاپيو، ۽ غلام رباني آگري، سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ، بورڊ جي آفيس مان شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

الحمد لله جامع سنڌي لغات جو ٽيون جلد شايع ٿي رهيو آهي.

اسان ٻئي جلد جي پيش لفظ ۾ عرض ڪيو هو ته پهريون جلد تقريباً ڏهه ورهيه تياريءَ ۽ ڇپائيءَ هيٺ رهيو، ٻيو جلد پهرئين جلد جي اشاعت کان ويهه ورهيه پوءِ شايع ٿيو، ليڪن توقع آهي ته ٽيون جلد انشاءالله جلد شايع ٿيندو. ڌڻيءَ دعا قبول ڪئي ۽ ٽيون جلد پوڻن ٽن ورهين جي عرصي اندر ڇپجي مڪمل ٿيو.

لغات جيئن ته اهم ڪتاب آهي، ان ڪري اهو بورڊ جي پنهنجيءَ پريس ۾ خيال ۽ خبرداريءَ سان ڇاپڻو پوي ٿو. پر بورڊ جي پريس ۾ لغات سان گڏ ٻيا ڪي ضروري ڪتاب ۽ رسالا، ٽماهي ”مهراڻ“ ۽ ماهنامو ”گل ڦل“ پڻ ڇپجندا رهن ٿا، ان ڪري لغات جي ڇپائي متاثر ٿيندي رهي ٿي. ورنه، ٻئي جلد جي ڇپائي شروع ڪرڻ شرط، جيئن اسان لغات جي ڪم ۾ مستعديءَ سان هٿ وڌو هو ته هوند هن وقت تائين سڄي لغات شايع ٿي وڃي ها. بهرحال، الله گهريو آهي، ته چوٿين جلد جي ڇپائي پڻ گهڻو وقت ڪونه وٺندي. ان جا هڪ سئو کان وڌيڪ صفحا، هن وقت تائين ڇپجي چڪا آهن ۽ ڇپائي اڳتي وڌي رهي آهي.

هن ٽئين جلد جي بنيادي متن تي نظرثاني ۽ پروف ڏسڻ جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ جي لائق ۽ فائق چيئرمن، جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن سرانجام ڏنو آهي.

اميد آهي ته چوٿون جلد پڻ سندن ئي نيڪ نظر هيٺ، تيار ٿي، مهربان پڙهندڙن تائين پهچندو. هوئن، لغات جي اسڪيم جو ڊئريڪٽر، سنڌي زبان جو مايهءِ ناز عالم، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو ۽ سڄيءَ لغات جو بنيادي متن موصوف جي نگرانيءَ هيٺ ئي تيار ٿيو هو. چنانچه، لغات جي هن ٽئين جلد تي محترم ڊاڪٽر صاحب ۽ محترم قاسمي صاحب جن جا اسماءِ گرامي ڏنا ويا آهن. بيشڪ، سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت ۾، هنن بزرگن جون ڪوششون هر وجه قابل تحسين آهن.

حيدرآباد
٢١- اپريل ١٩٨٤ع

غلام رباني
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● ڇپل ڇپپل (ت): ث. ڪَلَ جدا ڪرڻ. ڇاڇول (ڪپڙن کي).
● ڇپلا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڇپلارو: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڇپلري ۽ ڇپلريون: ث. ڇپلرن واري. ڇپلرن واري مڇي. هڪ قسم جي مڇي (جا مٺي پاڻي ۽ ڍنڍن ۾ ٿئي). ڪرڙو- ڏنيرو.
- ڇپلري مڇي: ث. ڇپلرن واري مڇي.
● ڇپلو ۽ ڇپلا: ذ. [سن. چڪنڌهه يا چڪنڌڪهه] [چڪنلا يا چڪنلي] ٻڪريءَ جو نر- قر- ليلو- ننڍو ٻڪرو. (صفت). احمق - بيوقوف. (ث). ڇپلي ۽ ڇپليون.
- ڇپلو (ڇپلي) ٿي لڳڻ: پٺيان لڳو رهڻ. پٺي نه ڇڏڻ.
● ڇپلوڻ، ڇپلوان: صفت. ڇپلل - گهڙيل - تربل (ڪاٺي).
● ڇپليون: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ڇپمڪ (ل): ث. بيماريءَ جو هڪ قسم (جا فقط گهوڙن ۽ اٺن کي ٿئي).
● ڇپڻ: ذ. ڇپهو - نقصان - ٽوٽو - گهاٽو.
● ڇپنا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ڇپنارو ۽ ڇپنارا (ت): ذ. پاڻيءَ جي لاٽ. درياءُ وغيره ۾ پاڻي گهٽجي وڃڻ جي حالت - ڇپنهرو (ل).
- ڇپنارا ڪرڻ: سرءُ جي موسم ۾ پاڻيءَ جو لهي وڃڻ - ڇپنهرو ٿيڻ. آٿل جو پاڻي لهڻ.
● ڇپنپر: ذ. ڇپنپو - سڪل ٽاري - سنهي ڪاٺي. سڪل ڏنگري.
● ڇپنپڪ ۽ ڇپنپڪون (ڪ): ث. تازي وڍيل ٽاري (وڻ جي). ڇانگ.
● ڇپنپڻ: مصدر. جٺ ڪرڻ - ملامت ڪرڻ - جهڻڪڻ - تنبيهه ڪرڻ. دڙڪو تاب ڪرڻ. ڦهمائش ڪرڻ. هيس ڪرڻ. ليپڻ - ڇپنپ ڪرڻ - گارو هڻڻ.

- ڇپنپ ۽ ڇپنپون: ث. جٺ - تنبيهه. جهڻڪو. ڦهمائش - ميهڻو - طعنو. لينب - ليپو - ڇپنپ.
- ڇپنپر ۽ ڇپنپر: ذ. صفت. جهڻڪيندڙ - جٺ ڪندڙ - هيس ڪندڙ (ٿ). طعنا هڻندڙ.
- ڇپنپڪو (ل): جهڻڪ - ڇپنپ.
● ڇپنپو ۽ ڇپنپا: ذ. سڪل ڏنگري - ڇانپو. سنهي ۽ سڪل ڪاٺي - ڀانگڙ.
● ڇپنپي ۽ ڇپنپيون (ت): ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (وڏن وارن ۽ سنهن رنگين نشانن واري ٿئي).
● ڇپنٽ (ٿ): ث. ڪٽي جو مٽ.
● ڇپنڊو ۽ ڇپنڊا (ٿ): ذ. نڪ مان وهندڙ گنڊ - سينگهه - گوبو.
● ڇپنو ۽ ڇپنا (ت): ذ. جدائي - علحدگي. ورهاست - تفريق.
- ڇپنو ڪرڻ: جدائي ڪرڻ. شراڪت وارو مال ورهائڻ. فيصلو ڪرڻ - نبيرڻ - معاملي جي صفائي ڪرڻ.
● ڇپنوڙ ۽ ڇپنوڙ (ڪ): ذ. صفت. ڇپنائيندڙ.
● ڇپنهرو، ڇپنهڙا: ذ. درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لاٽ (جا عموماً سرءُ جي موسم ۾ ٿئي). ٻوڏ يا آٿل جي موٽ. پاڻيءَ جي لاٽ. جدائي - علحدگي - تفريق.
- ڇپنهڙو ۽ ڇپنهڙا: ذ. صفت. ڇپنهرو.
● ڇپڻ: ذ. ڇپٽو. پاڻ.
● ڇپڻ، ڇپوڻ: ذ. آهو ڏاڳو جنهن مان ڪنير ڪچن ٿانون کي چڪ تي ڪپي ڪوري.
● ڇپٽارو: ذ. ڏڳي، ڳئون جي ڇپٽن لاهڻ جي جاءِ.
● ڇپٽو ۽ ڇپٽا: ذ. چوپائي مال جو ڦوسو - گوبر. گوهو - ٿاق. سڪل ڦوسي. پاڻ.
- ڇپٽا پور ۽ ڇپٽا پور: ذ. صفت. ٻن کي ويڙهائيندڙ - لائي چائي ڪندڙ - فساد وجهائيندڙ. منافق - فتنه انگيز.
- ڇپٽا پورڻ: جهيڙو وجهائڻ. لائي چائي ڪرڻ. ويڙهائڻ. منافقي ڪرڻ ”ڇپٽا پور ته لٺ لڳي.“ (چوڻي). فتنو اٿارڻ.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

- حَقِيقَتاً: ظرف. حقيقت ۾- سچي طرح - صحيح نموني ۾- سچ پچ.
- حَقِيقَتَ بِينُ يا حَقِيقَتَ بِينَ: ذ. صفت. اصليت کي جاچڻ وارو. حقيقت جاچڻ وارو. سچ سڃاڻندڙ. سچ پرکيندڙ.
- حَقِيقَتَ جو کُلَڻُ: راز ظاهر ٿيڻ. ڪيفيت جو معلوم ٿيڻ. اصليت پڌري ٿيڻ.
- حَقِيقَتَ حَالُ: ذ. پنهنجي اندر جي حقيقت. سچو بيان.
- حَقِيقَتَ شَنَاسُ: ذ. صفت. سچ سڃاڻندڙ- حقيقت سُڃاڻندڙ.
- حَقِيقَتَ ۾: ظرف. سچ پچ ته- صحيح نموني ۾- دراصل.

● حَقِيقُو يا حَقِيقا: ذ. [ع. عَقِيقَه جي بگڙيل صورت] مسلمانن جي هڪ مذهبي سُنت (جا ٻار ڄمڻ وقت مٿي ڪوڙائڻ ۽ خيرات ڪرڻ ذريعي ادا ڪئي ويندي آهي)- عَقِيقو.

● حَقيو يا حَقيا: ذ. صفت يا ظرف. [ع. حق" حَقي"< حقيو]. سچو- لازمي- پڪو- پختو- وعدي تي پورو- وعدي واري جاء تي يقيني موجود. لازمي طور ڳڏوڳڏ
”هردم مون سان هونئج حقيو، فرياد رس يا مرشدا“ (حمل).

- حقيو تڪيو: ظرف. پڪ ئي پڪ- لازمي طور يقيناً.

● حَڪَّاڪُ يا حَڪَّاڪَ: ذ صفت. [ع. حَڪّ = هن سونُ وِنڌيو يا پرکيو] وينجهارُ- هيري ۽ شيشي کي ونڍيندڙ- وينجهر- جوهر تلاش- نگينہ سازُ.

● حُڪَّامُ: ذ. [ع. حَڪَمَ = هن حڪم ڪيو، هُن فيصلو ڪيو] حڪومت ڪرڻ وارا- عملدار- آفيسر. ”حاڪم“ جو جمع.

● حِڪَايَت يا حِڪَايَتُون: ث. [ع. حَڪي= هن ڳالهه ٻڌائي] آکاڻي- ڳالهه- قصّو- داستان- ڪهاڻي- ٽوٽڪو- لطيفو- بيان- خبر- احوال- حديث- روايت.
- حِڪَايتاً: ظرف. ذڪر طور- روايت طور- ڳالهه ڪندي.

● حَڪَمُ يا حَڪَمَ: [ذ. صفت. ع. حَڪَمَ= هن فيصلو ڪيو] امِينُ- فيصلو ڪندڙ- مُنْصِفُ- ٽياڪڙ- سَرپَنْچُ- ثالث- مُصلح- ترجمان.
- حَڪَمِي: ث. ٽياڪڙي- امانت- مصلحت.

● حُڪْمُ يا حُڪْمَ: ذ. [ع. حَڪَمَ= هن فرمان جاري ڪيو] فرمان- ارشاد- آگيا- امرُ- چيو- آرڊر- اختياري. سرڪاري قاعدو- قانون. رخصت- موڪل- اجازت- پروانو. حڪومت- فرمان روائي- راڄ. تاس راند ۾ ٻوليل رنگ.
- حُڪْمِ اِمْتِناعِي: ڪنهن ڪم کان منع جو حڪم، جيڪو عدالت جاري ڪندي آهي.
- حُڪْمَانُ حُڪْمُ: ظرف. حڪم جي زور سان- ڏاڍائيءَ سان- ظلم سان- شوخيءَ سان- زبردستي. زوران زوريءَ سان- اختياريءَ سان.
- حُڪْمَانُ حُڪْمِي: ظرف. يڪدم- جهٽ پٽ- زبردستي- زوري.
- حُڪْمُ بجا آڻَڻُ: حڪم مڃڻ- چيو وٺڻ- حڪم جي تعميل ڪرڻ.
- حُڪْمُ بَرْدارُ يا حُڪْمُ بَرْدارَ: ذ. صفت. حڪم مڃيندڙ- فرمانبردار- تابعدار- نوڪر- نمڪ حلال.
- حُڪْمُ بَرْدارِي: ث. فرمانبرداري- اطاعت- نمڪ حلالي- وفاداري.
- حُڪْمُ ٽوڙَڻُ: حڪم نه مڃڻ- نافرماني ڪرڻ.
- حُڪْمُ جارِي ڪَرَڻُ: حڪم صادر ڪرڻ. اشتهار ڦيرائڻ. پڙهو ڏيارڻ. منادي ڦيرائڻ.
- حُڪْمُ جو بَنْدو: ذ. حڪم مڃيندڙ ماڻهو. فرمانبردار- چئيوانُ- نوڪر- غلام.
- حُڪْمُ جو بَنْدو هُئَڻُ: هرطرح چئيوان هئڻ. غلام هئڻ.
- حُڪْمُ ڏِيَڻُ: ارشاد ڪرڻ- فتوىٰ ڏيڻ- فيصلو ڪرڻ. اجازت ڏيڻ- هدايت ڪرڻ.
- حُڪْمَرانُ يا حُڪْمَرانَ: ذ. صفت. حڪم هلائيندڙ. حڪومت ڪندڙ. اختياريءَ وارو. فرمان روا- بادشاهه- حاڪم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- زيڻُ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● زيوَرُ ۽ زيوَرَ: ذ. (ف) گهڻو- گهه- مڻيو (سون يا چانديءَ جو) چلو منڊي. رَتنُ- جوَاهَرُ. زيبُ- زِينَتَ- زيبائش- آرائش- سينگار.

- زِيھَہ ۽ زِيھَوُنُ: (ع) ث. پُٺيءَ جو وِچُ- ڪَرَنگهو.

● زيهادائيِ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. درڪاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.

جيتوڻيڪ سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو هڪ سو سال اڳ، ١٨ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو، تنهن هوندي به باوجود ڪيترين ئي مخلصانه ڪوششن جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لغتن جي، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مکيه لفظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن کان اڳ لکجي شايع ٿي نه سگهي آهي. اِن ڏس ۾ هيءَ پهرين جامع سنڌي لغات آهي، جا سنڌي ادبي بورڊ طرفان هينئر پيش ٿي رهي آهي.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب،

( ب ) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو آهي،

( ج ) ادب ۽ لغت جي اڻڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو، ۽

( د ) اڻلکيل عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جا اکر ۽ زنده جاويد ذخيرا، جنهن لاءِ سڄيءَ سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه ڳوٺن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ ته پنهنجي تَرَ جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري ڏين.

مٿين سلسلي ۾ هيءُ خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻولي جي مرڪزي مکيه محاورن يعني ته لاڙ، سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لسبيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام لفظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.

ٺيٺ سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، اُن کي پڻ هن لغات ۾ ڪماحقه داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ لغات سڀني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.

مطلب ته هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جهجهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1st Edition 1984 4000 Copies

[Price: Rs. 50.00]

*Published by*
GHULAM RABBANI A. AGRO
Secretary, Sindhi Adabi Board

G. P. O. Box: 12
Hyderabad, Sind, Pakistan.

Printed by Mian Allah Bachayo Yusufzai, at the Sindhi Adabi Boarsd' Press,
Tilak Incline, Hyderabad Sind.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

A COMPREHENSIVE

# SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

## VOl. III (ج–ذ)

*COMPILED*

*UNDER THE SINDHI ADABI BOARD's DICTIONARY PROJECT*

*DIRECTED BY*

N. A. BALOCH

*REVISED BY*

GHULAM MUSTAFA QASMI

SINDHI ADABI BOARD
HYDERABAD / JAM SHORO
SIND
PAKISTAN
1984

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com